## امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي

# تعليمات

**28-January-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

28 جنوري 2021 تي دعوت اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيندڙ بيان

# امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليمات

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ!

- ❖ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي والد جو قابلِ تقليد عمل
- ❖ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي درس وتدريس جو زمانو
- ❖ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تصوف ۽ طريقت ڏانهن ڪيئن آيا؟
- ❖ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُجَدِّدَانه ڪارناما
- ❖ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليمات جو خلاصو

پيشڪش
اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ (دعوت اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي تعليمات

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد اللّٰه تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُاللّٰه ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

## درود پاڪ جي فضيلت

شهنشاهہ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو:** جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو، جيستائين منهنجو نالو ان ۾ لکيل رهندو، ملائڪ ان جي لاءِ بخشش جي دُعا گُهرندا رهندا. (معجم اَوْسط، جلد:1، صفحہ:497، حديث:1835)

عجب کرم ہے کہ خود مجرموں کے حامی | گناہگاروں کی بخشش کرانے آئے ہیں
وہ پرچہ جس میں لکھا تھا درود اس نے کبھی | یہ اس سے نیکیاں اس کی بڑھانے آئے ہیں(1)

صَلُّوۡاعَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۾ اُلجھڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! اُذکُرُوالله , تُوبُوا اِلَی الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡاعَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان جو موضوع آهي”امام غزالي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه جي تعليمات“ امام غزالي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه پنجين صدي جا تمام وڏا عالمِ دين آهن، صوفي باصفا، وليءِ ڪامل آهن، اعليٰ حضرت امام اهلسنت، شاه امام احمدرضا

1 سامانِ بخشش، صفحہ:93-94 ملتقطاً۔

خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويہ ۾ سندن هڪ لقب ”حڪيم الامت“ بيان ڪيو آهي، حڪيم الامت جي معنيٰ آهي: امت جي مسئلن کي سمجهي انهن جو حل تلاش ڪرڻ وارو. امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي دور ۾ مسلمانن جي علمي و عملي حالت ڪمزور ٿي رهي هئي، باطل نظريات رکڻ وارا، بدمذهب اسلام جي عقيدن تي حملو ڪري رهيا هئا، اسلام جي بنيادي نظريات و عقائد کي بدلڻ جون ڪوششون ڪيون پئي ويون، ماڻهو عمل ۾ سستي جو شڪار ٿي رهيا هئا، باطني امراض عام ٿي رهيا هئا، امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بروقت امّت جي نبض (يعني رڳ) تي هٿ رکيو، پيش ايندڙ مسئلن جي جانچ ڪئي، انهن جو حل ڪڍيو ۽ امت جي علمي و عملي تربيت جي لاءِ سالن جا سال ڪم ڪيو، ان ڪري سندن کي حڪيم الامت چون ٿا. اچو! امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پاڪيزه سيرت ۽ بحيثيت حڪيم الامت پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪارنامن بابت ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

## امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي والد جو قابل تقليد عمل

پنجين صدي هجري جي ڳالھ آهي، ايران جي پُراڻي تاريخي صوبي خراسان، ضلعي طُوس ۾ الله پاڪ جو هڪ نيڪ ٻانهو رهندو هو، ان جو پنهنجو نالو بہ محمد هو، سندن والِد جو نالو بہ محمد هو ۽ ان جي ڏاڏي جو نالو اَحمَد هو. نهايت متقي پرهيزگار هو، محنت ڪري، پنهنجي هٿ سان ڪمائيندو هو ۽ صِرف حلال کائيندو هو. اُون مان ڌاڳو ناهڻ ۽ ان جو واپار ڪرڻ سندن پيشو هو. ڌاڳي کي عربي ۾ ”غَزلٌ“ چون ٿا، انهيءِ نسبت سان ماڻهو ان خاندان کي غزالي چوڻ لڳا. شيخ محمد بن محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي عالمن سڳورن سان بيحد محبت هئي، اڪثر عاشقِ رسول عالمن جي خدمت ۾ حاضِر ٿيندو هو، انهن سان سهڻو سلوڪ ڪندي جيترو ٿي سگهندو هو عالمن جي مالي خدمت بہ ڪندو هو. شيخ محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پٽ جي خواهش هئي، سندن معمول هو تہ عالمن جي خدمت ۾ حاضِر ٿي عاجزي ۽ انڪساري سان، روئي روئي الله ڪريم جي بارگاھ ۾ دُعا ڪندو هو: الٰهي! مون کي پُٽ عطا ڪر ۽ ان کي عالِم

ٻڌاءِ.“ جڏهن دِيني اجتماعن ۾ حاضِر ٿيندو هو، يا عالمن جا بيان ٻڌندو هو، دِل جي خواهش ويتر وڌي ويندي هئي، دُعا جي لاءِ هٿ کڻي بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪندو هو: ”ياالله! مون کي پُٽ عطا ڪر ۽ ان کي دَرس ۽ بيان ڪرڻ وارو ٻڻاءِ.“ (طبقاتِ شافعية ڪبرى، جلد:5، صفحه:194)

سُبْحٰنَ الله! شيخ محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پٽ ملڻ جي ڪهڙي پياري دعا ڪئي، عام طور ماڻهن کي پُٽ جي خواهش ٿيندي آهي، ان جي لاءِ دُعائون بہ گهريون ويندِيون آهن، باسون باسيون ويندِيون آهن، صدقا بہ ڏنا ويندا آهن، روحاني علاج بہ ڪرائيندا آهن، دوائون (*Medicine*) بہ استعمال ڪيون ويندِيون آهن، ان ۾ ڪو حرج بہ ناهي، انبياءِ ڪرام عليهم السَّلام بہ پُٽ جي خواهش ڪئي پر بهتر اهو آهي تہ رڳو پُٽ جي نہ بلڪ ”نيڪ پُٽ“ جي دُعا ڪئي وڃي. ٻيهر غور ڪريو! اسان وٽ عام طور پُٽ جي خواهش ڇو ڪئي ويندي آهي؟ نسل وڌائڻ جي لاءِ، نالو اڳتي هلائڻ جي لاءِ، گهر آهي، بنگلو آهي، جائيداد آهي، منصب آهي، ان جو وارِث ڪپي، ان ڪري پُٽ جي خواهش ڪئي ويندي آهي پر الله جي نيڪ ٻانهن جو طريقو ڏسو! پُٽ ڪپي پر نسل وڌائڻ جي لاءِ نہ، نالو روشن ڪرڻ لاءِ نہ، جائيداد جو وارث بنائڻ جي لاءِ نہ بلڪ ان ڪري گهرجي تہ پُٽ عِلمِ دين سکي، مبلغ ٻڻجي، سنتون اپنائي، دِين جي خدمت ڪري ۽ والدين جي لاءِ صدقہ جاريہ ٻڻجي. الله پاڪ اسان کي بہ نيڪن جي صدقي نيڪ خواهشات جي توفيق ڏي، دُنيا جي بدران هر معاملي ۾ آخرت جي سوچ عطا ڪري.

تہ شيخ محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روئي روئي دُعائون ڪندو هو، الله پاڪ کان نيڪ، عالِمِ دين، درس وبيان ڪرڻ وارو پُٽ گهرندو هو، الله پاڪ سندن دُعا قبول فرمائي ۽ ان کي هونهار، همت وارو، نيڪ سيرت پُٽ عطا فرمايو، مَاشَآءَالله! عشقِ رسول ڏسو! شيخ محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو پنهنجو نالو بہ محمد آهي، سندن والِد جو نالو بہ محمد آهي ۽ الله پاڪ ان کي پُٽ عطا فرمايو، ان جو بہ نالو ان محمد ئي رکيو. سندن اهو شهزادو وڏو ٿي ماهر عالِم، ولي ڪامِل ٻڻيو. ان کي

دُنيا ”امام محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ“ جي نالي سان سڃاڻڻ لڳي.

سکونِ دِل وجاں، امامِ غزالی! اے تسکینِ ایماں، امامِ غزالی!
ولایت میں اعلیٰ، امامت میں بالا تُو سلطانِ عرفاں، امامِ غزالی!

## نالي جي چونڊ ڪيئن ڪجي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان شيخ محمد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي حڪايت ٻُڌي، هن حڪايت کي سامهون رکي پنهنجي مُعَاشري جو جائزو وٺو. اسان وٽ عجيب ماحول آهي، عام طور ٻارن جا منفرد (*Unique*) نالا رکڻ جي خواهش هوندي آهي، خاندان ۾، اوڙي پاڙي ۾ ڪنهن جو اهڙو نالو نہ ٻُڌو هجي، اهڙو نالو رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جڏهن تہ منفرد (*Unique*) نالو رکڻ جي ڪا فضيلت ناهي، قرآن وحديث ۾ ڪٿي بہ منفرد (*Unique*) نالو رکڻ جي ترغيب ناهي ڏني وئي. اسلام ۾ نالي جي چونڊ ٻن (2) بنيادن تي ڪرڻ جي ترغيب آهي: (1):اَوَّل: نالي جي معنيٰ سٺي هجي، اللّٰہ جا آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ بُرن نالن کي پسند ڪونہ ڪندا هئا. سندن عادتِ ڪريمہ هئي تہ بُري معنيٰ وارو نالو ٻُڌندا هئا تہ ان کي تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. هڪ حديث شريف ۾ ارشاد فرمايائون: انسان پنهنجي ٻار کي سڀ کان پهريون تحفو نالي جو ڏيندو آهي، تنهنڪري ان جو نالو سٺو رکڻ گهرجي. (جَمْعُ الْجَوَامِع، جلد:3، صفحہ:285، حديث:8875) (2): ٻيو؛ نالي جي معنيٰ چڱي هئڻ سان گڏوگڏ ان ۾ انبياءِ ڪرام عليهم السّلام سان، صحابہ ڪرام ۽ اولياءِ عظام سان نسبت بہ هئڻ بهتر آهي. اللّٰہ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ نالي ۾ نسبت جو اهتمام ڪندا هئا. حضرت انس بن مالِڪ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن صبح جي وقت رسولِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اچي فرمايو: اللّٰہ ڪريم مون کي پُٽ عطا فرمايو آهي، مون ان جو نالو پنهنجي ڏاڏي حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام جي نسبت سان ابراهيم رکيو آهي. (مسلم، ڪتاب الفضائل، صفحہ:909، حديث:2315)

نالو مبارڪ ”محمد“ رکڻ جي حديثن ۾ وڏي فضيلت آهي. ہ 2 فرمانِ

مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو! ❖ جيڪو عشقِ مصطفيٰ ۾، برڪت جي لاءِ پنهنجي پُٽ جو نالو محمد رکي، اهو ۽ ان جو پُٽ جنت ۾ ويندا. (كَنْزُ الْعُمَّال، كتاب النكاح، جلد:16، صفحہ:175، حديث:45215) ❖ جنهن برڪت جي لاءِ منهنجي نالي تي نالو رکيو، قيامت تائين صبح و شام ان تي برڪت نازِل ٿيندي رهندي. (كَنْزُ الْعُمَّال، كتاب النكاح، جلد:16، صفحہ:175، حديث:45213)

آنکھوں کا تارا نامِ محمد | دِل کا اُجالا نامِ محمد
شیدا نہ کیوں ہوں، اس پر مسلماں | رَبّ کو ہے پیارا نامِ محمد
روزِ قیامت میزان و پُل پر | دے گا سہارا نامِ محمد (1)

افسوس! اسان منفرد (*Unique*) نالا رکڻ جي چڪرن ۾ اهڙين اعليٰ فضيلتن کان محروم ٿي ويندا آهيون. اي عاشقانِ رسول! پنهنجي رڳو هڪ پُٽ جو نه، بلڪ سيني پٽن جو نالو محمد رکو، ٻڌلنگ ٿئي ته ڪو حرج نه آهي؟. رسول اڪرم جي ڏوهٽي، امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه جا ٽي 3 شهزادا هئا ۽ ٽنهي جو نالو علي آهي. وڏي شهزادي جو نالو: علي اڪبر، وچ واري جو: علي اوسط، ۽ ننڍڙي شهزادي جو نالو علي اصغر هو.

اميراهلسنت، حضرت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي نالي رکڻ جو انداز به وڏو خوبصورت ۽ حڪمت ڀريو آهي. پاڻ عام طور ٻارن جو نالو محمد ئي رکندا آهن، ها محمد نالي جي بي ادبي نه ٿئي ان ڪري پڪارڻ جي لاءِ عليحده نالو رکندا آهن، مثال طور پٽ جو نالو محمد ۽ پڪارڻ جي لاءِ ابراهيم. بلڪ اميراهلسنت ته الله پاڪ جي ولي، سچي عاشقِ رسول امامِ اهلسنت، امام احمد رضا جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ لفظ "رضا" جو به اضافو فرمائيندا آهن جيئن محمد ابراهيم رضا، محمد اسماعيل رضا وغيره.

---

1...قبالهٔ بخشش، صفحہ:133،134۔

کام وہ لے لیجئے، تم کو جو راضی کرے ٹھیک ہو نامِ رضا، تم پہ کروڑوں درود[(1)]

## امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارف

امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنجين صدي جو مشهور ۽ وڏي مرتبي واري شخصيت آهن، سندن ولادت 450 هجري ڪي طابَران، ضلعي طُوس، صوبہ خُراسان ۾ ٿي. (اِتِّحَافُ السَّادَہ، المقدمۃ، جلد:1، صفحہ:9) پنهنجو، پنهنجي والد جو ۽ سندن ڏاڏي جو نالو محمد هو ۽ پرڏاڏي جو نالو احمد هو. امام غزالي جي پُٽ جو نالو امام حامِد غزالي هو، اهو بہ ماهر عالِمِ دين هو، ان جي نسبت سان پاڻ پنهنجي ڪنيت ابو حامِد رکيائون. امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تمام وڏا عالِمِ دين هئا، علمِ فقہ، علمِ ڪلام، فلسفي ۽ تصوف ۾ ڪامِل مهارت رکندا هئا، سندن علمي شان وشوڪت ۽ وجاهت ڪي ڏسي ان وقت جي وزيرِاعظم نِظَامُ المَلِڪ کين زَينُ الدّين (يعني دين جي زينت) ۽ شَرفُ المِلَّة (يعني اُمَّت جي عزت) جو لقب ڏنو هو، سندن هڪ لقب اِمَامُ البَحر (يعني علم وفن جو امام) هو، سندن استاد امام الحرمين، امام جُوَينيرَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائيندا هئا: اَلغَزَالِي بَحرٌ مُغَدَّقٌ يعني غزالي عِلم جون چوليون هڻندڙ سمنڊ آهي. (طبقات شافعيہ کبری، پانچواں طبقہ، جلد:5، صفحہ:171) اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فتاوي رضويہ شريف ۾ امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪي "حڪيم الأُمّت" جي لقب سان ياد ڪيو آهي. (فتاوی رضویہ، جلد:4، صفحہ:528) امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اسلام تي اعتراض ڪرڻ وارن بدمذهبن ۽ ڪافِرن ڪي پنهنجي مضبوط دليلن سان چپ ڪرائي ڇڏيندا هئا، ان ڪري پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪي حُجَّةُ الاِسلام (يعني اسلام جو دليل) بہ چوندا آهن. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪي ڪوڙ حديث سڳوريون ياد هيون پر عِلمِ حديث باقاعِده ڪنهن استاد ڪان نہ پڙهيو هو، آخري عُمر ۾ ان جو شوق ٿيو، توڙي جو ان وقت سندن علميت جي شهرت دُنيا ۾ عام هئي، وڏا وڏا عالم پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪان فيض وٺي رهيا هئا پر اجان سندن عِلم سکڻ جو شوق گهٽ نہ ٿيو هو، پاڻ باقاعِده استاد وٽ علمِ حديث سکڻ شروع ڪيائون ۽ سکندي سکندي

1...حدائق بخشش، صفحہ:271۔

ئي دُنيا مان لاڏاڻو ڪيائون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 55 سال دُنيا ۾ تشريف فرما رهيا. پاڻ 14جُمادَي الأُخريٰ، 505 هجري جو انتقال فرمايائون. (سِيَرُ اَعْلَامِ النُّبَلَاء، جلد:14، صفحه:332) وفات وقت حديث پاڪ جو مشهور ڪتاب بخاري شريف سندن سيني تي هو. (اَلْمُنْتَظَم، جلد:17، صفحه:127) علامه اِبنِ جَوزِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صبح جو بيدار ٿي وُضو ڪيو، فجر نماز ادا ڪري پوءِ ڪفن گهرايائون، اکين تي ڪفن لڳائي چيائون: منهنجي رَبّ جو حڪم اکين تي، ايترو چئي چهرو قبلي ڏانهن ڪري پير ڊگهاڙيائون. ماڻهن ڏٺو ته رُوح مُبارَڪ پرواز ڪري چڪو هو. سندن مزار مُبَارَڪ طُوس، ضلعي خراسان جي ”مقابرِ غزالي“ نالي قبرستان ۾ آهي. (اَلثَّبَات عِنْدَ الْمَمَات، صفحه:178)

## امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مُجَدِّد آهن

حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ الله پاڪ هن اُمّت جي لاءِ هر صدي ۾ هڪ مجدد موڪليندو رهندو، جيڪو دِين جي تجديد ڪندو. (ابو داؤد، ڪتاب ملاحم، صفحه:674، حديث:4291) عالم سڳورا فرمائن ٿا: امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنجين صدي هجري جا مجدد آهن. (اِتِّحَافُ السَّادَه، جلد:1، صفحه:36)

تُو عالم، تُو فاضِل، تُو عابِد، تُو زاہِد مجددِ ذیشاں، امامِ غزالی!

## هڪ جملي قسمت بدلي ڇڏي

امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ 15 سال هئي، ته سندن والِدِ محترم دُنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. پوءِ گهريلو مُعَاشِي حالات خراب ٿيڻ لڳا، ان جي باوُجُود امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مدرسي جو رُخ ڪيو ۽ عِلمِ دين سکڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويا. ابتدائي تعليم پاڻ پنهنجي علائقي طُوس ۾ پنهنجي والد جي دوست امام احمد بن محمد رَاذڪاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽان حاصِل ڪئي، پوءِ جُرجان جو سفر ڪري اتي امام ابو نصر اسماعيلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽان عِلم حاصِل ڪيائون، پوءِ نيشاپور ويا ۽ ڪيئي سال امام الحرمين امام جُوَينِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان

عِلم دين سکندا رهيا. (فیضانِ امام غزالی، صفحہ:10، 12، 15،ملتقطًا)

امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو معمول هو، جيڪو ڪجھ استاد کان سکندا هئا ان کي لکي نوٽس جي صُورت ۾ محفوظ ڪندا رهندا هئا. جڏهن پاڻ جُرجان کان واپس موٽي رهيا هئا، واٽ تي ڌاڙيلن حملو ڪيو، قافلي جو سمورو سامان کسِي ويا، ان حادثي ۾ امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جا علمي نوٽس بہ ڌاڙيلن جي هٿ لڳا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ کي ان جو ڏاڍو صدمو رسيو، ان ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڌاڙيلن جي سردار وٽ ويا ۽ الله ڪريم جي بارگاھ ۾ حاضِري جو منظر ياد ڏياري فرمايائون: مان بس ايترو چاهيان ٿو تہ مون کي نوٽس موٽائي ڏيو، ان ۾ توهان جي فائدي جي ڪا شيء ناهي. ان تي ڌاڙيلن جي سردار ٺهڪ ڏيندي طنزيہ لهجي ۾ چيو: توهان کي عِلم تي مهارت ڪيئن ٿي حاصل ٿي سگهي؟ جڏهن تہ اهي نوٽس کسجي وڃڻ تي توهان بلڪل خالي ٿي ويا آهيو.

بَس اهو هڪ جملو هو جنهن امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي دِل تي وڏو اَثر ڪيو، فرمائن ٿا: مان سمجهي ويو هيس تہ اها ڳالھ ڌاڙيلن جي سردارناهي چئي، بلڪ منهنجي رهنمائي جي لاءِ الله پاڪ ان جي زبان سان چورائي آهي، پوءِ مان نوٽس کڻي پنهنجي وطن پهتس ۽ پورا ٽي سال لاڳيتو محنت ڪري نوٽس ۾ لکيل تمام مسئلا زباني ياد ڪري ورتا. (طبقات شافعیہ کبری، پانچواں طبقہ، جلد:6، صفحہ:195ملخصًا)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ شروع ئي کان پنهنجي اصلاح ڏانهن ڪيئن متوجہ هئا، پاڻ ڌاڙيلن جي سردار جو جملو ٻڌو ۽ ان تي ڪاوڙ نہ ڪيائون، ان کي پنهنجي توهين نہ سمجهيائون بلڪ ان مان سبق پرايو ۽ آئنده جي لاءِ پنهنجو علم اهڙي طرح محفوظ ڪيو جو هاڻي ڪوبہ ان کي چُرائي نٿو سگهي. هن مان اها بہ خبر پئي تہ ڪڏهن ڪڏهن هڪ جملو ئي زِندگي جو انداز بدلي ڇڏڻ جي لاءِ ڪافِي هوندو آهي.

## مبلغ دعوتِ اسلامي جو حڪمت ڀريو جملو

هڪ اسلامي ڀاءُ جيڪو امام مسجد بہ آهي، ان جو بيان آهي: پهريان مان دُنيا داري ۾ مَصرُوف هيس، مسجد ۽ ان سان لاڳاپيل ذميدارين سان وابستہ ٿيڻ جو منهنجو ڪو ذِهن نہ هو، نہ اهڙي سوچ ڪڏهن آئي هئي، خوش قسمتي سان منهنجي وڏي ڀاءُ کي دعوتِ اسلامي جو دِيني ماحول ميسر آيو، ان گهر ۾ بہ نيڪي جي دعوت جو سلسلو شروع ڪيو ۽ تمام ڀائرن کي ديني ڪمن ۾ مصروف ڪري ڇڏيو پر منهنجو ذِهن اجان بہ دُنياداري ئي ۾ قائل هو، هڪ ڏينهن ڀاءُ مون کي سمجهايو تہ مون چئي ڏنو: اسان جا سيئي ڀائر تہ ديني ڪمن ۾ مَصرُوف آهن، گهر جو ڪو هڪ ڀاتي تہ دُنيا جي لاءِ بہ هئڻ گهرجي، اهو ٻڌي منهنجي ڀاءُ وڏي تحمل سان حڪمت ڀريو جملو چيو جنهن منهنجي دِل تي اثر ڪيو، چيائين: ها! سيئي جنّت جي راهہ تي آهن، هڪ کي تہ جهنمي بہ هئڻ گهرجي! مقصد اهو هو تہ دِين جي راهہ جنت ۾ وني وڃڻ واري آهي، سيئي ديني ڪمن ۾ مَصرُوف آهن هڪ کي دُنيا داري ۾ مشغول رکڻ جو مطلب آهي تہ اهو جنّت جي راهہ تي نہ هلي، بس اهو جملو ٻڌڻ هو جو منهنجو ذِهن ٻڻجي ويو، هاڻي الحمد للہ مان عطاري (يعني اميرِ اهلسنت،باني دعوتِ اسلامي جو مُريد) بہ آهيان، امام مسجد بہ آهيان ۽ توفيق آهر دين جي خدمت ۾ بہ مَصرُوف آهيان.

| | |
|---|---|
| عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول | ہے فیضانِ غوث ورضا دینی ماحول |
| سنور جائے گی آخرت ان شآء اللہ | تم اپنائے رکھو سدا دینی ماحول |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بغداد اچڻ

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏي عرصي تائين ايران جي شهر نيشاپور ۾ امام الحرمين امام جُوَيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضِر رهيا ۽ ان کان ديني عِلم سکندا رهيا، جڏهن امام الحرمين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دُنيا مان لاڏاڻو ڪيو تہ پاڻ نيشاپور

کي خير آباد چئي بغداد تشريف وٺي آيا. بغداد ان وقت عِلم جو مرڪز هو ۽ سَلجُوق سلطنت جو دارالحڪومت بہ هو، ان وقت جو وزيراعظم نِظَامُ المَلِڪ علم دوست ۽ نيڪ طبيعت انسان هو، ان ڪري اڪثر طور دربارِ ۾ عالمن جو اجتماع رهندو هو، عالم سڳورا اتي علمي مذاڪرو ڪندا هئا، شَرعِي مسئلن جو حل ڳوليندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مسئلي تي عالمن جو اختلاف بہ ٿي ٿي پوندو هو تہ حق واضح ڪرڻ جي لاءِ مهذب انداز ۾ مناظري جو بہ اهتمام ڪيو ويندو هو. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن شاهي دربار ۾ تشريف فرما ٿيا تہ وزيراعظم جي موجودگي ۾ ڪيئي عالمن سان سندن علمي مذاڪرو ٿيو، وزيرِ اعظم سندن علمي ڪمال ڏسي تہ ڏاڍو خوش ٿيو، پوءِ وزير اعظم امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بغداد جي مشهور اسلامڪ يونيورسٽي جامعہ نظاميہ ۾ شيخ **الجامعہ** (يعني وائِس چانسلَر) جو عهدو پيش ڪيو. ان وقت امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر اٽڪل 34 سال هئي.

4 سال تائين امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جامعہ نظاميہ ۾ دَرس ۽ تَدرِيس ڪندا رهيا، ان وقت تائين سندن علمي شان و شوڪت جو چرچو پري پري تائين ڦهلجي چڪو هو، ملڪ جا وڏا وڏا عالم، وزير، مشير سندن درس ۾ حاضِر ٿيندا هئا ۽ علمي اڃ وسائيندا هئا. (فيضان امام غزالی، صفحہ:15-22، ملتقطاً)

## امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گوشہ نشيني

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي الله ڪريم جو وڏو اِحسان هو، الله پاڪ شروع ئي کان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عِلم جو شوق، تلاشِ حق جي جستجو ۽ الله جو قرب حاصِل ڪرڻ جو شوق عطا ڪيو هو. بغداد اچي امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي شهرت نصيب ٿي، علم جي دُنيا ۾ وڏو مقام مليو پر دل اڃان تائين بيتاب هئي، نيٺ پاڻ ڪتابن جو وڏيڪ مطالعو شروع ڪيائون، آخر جڏهن تصوف جا ڪتاب پڙهيائون تہ دِل دُنيا کان بيزار ٿي وئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خبر پئي تہ الله پاڪ جو قُرب مقام و مرتبي ۽ شهرت ۾ نہ آهي، بلڪ دُنيا کان پاسو ڪري دِل جي

اِصلاح ڪرڻ ۾ آهي. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شان و شوڪت، عزت و رُتبي، اعليٰ منصب، شهرت و مقبوليت کي ڇڏي ڪري صوفي سڳورن جو لباس پائي مجاهدات جي لاءِ ملڪ شام ڏانهن روانا ٿي ويا. (فيضان امام غزالی، صفحہ:27ملخصًا)

پيارا اسلامي ڀائرو! امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي همّت ڏسو! اهڙي عزت و شهرت، مقام و رُتبو، جڏهن وڏا وڏا عالم شاگرد طور سندن اڳيان وينل هجن، وزير ۽ مشير ادب ڪندا هجن، سڀ شان و شوڪت يڪدم ڇڏي ڏيڻ آسان ڳالهه ناهي، وڏي همت ۽ حوصلي جو ڪم آهي. اسان ماڻهو خدشات جو شڪار رهون ٿا، اسان کي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وڃي، مدني قافلي ۾ سفر جي درخواست ڪئي وڃي، مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت جو چيو وڃي ته دُڪان ڪير هلائيندو، بزنس ڪير سنڀاليندو، ٻارن کي اسڪول ڪير ڇڏڻ ويندو، گهر جي ذميواريون ڪير ڪٽندو وغيره وغيره هزارين قسم جا بهانا ڳولي آڏو آڻيندا آهيون ۽ نيڪيون ڪمائڻ، اللّٰه ڪريم جو قُرب حاصِل ڪرڻ، جنت جي راهه تي هلڻ کان محروم رهجي ويندا آهيون.

ياد رکو! جيڪو خدشن جون زنجيرون پيرن ۾ وجهي ڇڏي ٿو، زِندگي جي سفر ۾ ڪڏهن به ڪامياب نٿو ٿي سگهي. زِندگي ختم ٿي ويندي آهي، ڪم ختم ناهن ٿيندا، موت جو فرشتو اچي ويندو آهي، جڏهن قبر ۾ لاٿو ويندو آهي ته اهي ئي ڪم جن کي آڙ بڻائي ديني ڪمن کان رُڪجي ويندا هئاسين، جيئن تيئن اڌورا ئي رهجي ويندا آهن، خبر ناهي اسان ڇو اهو سوچي ورتو آهي ته اها دُنيا اسان جي ڪري ئي هلي رهي آهي؟ هزارين مَاڻهو قبرن ۾ سمهي رهيا آهن، انهن جو به اهو ئي خيال هو ته مون کان سواءِ اها ڪانه هلندي، مان نه رهيس ته منهنجي گهر کان وٺي ڪري ڪاروبار تائين سڀ ڪجهه بيهي رهندو، ٻار بُک وگهي مري ويندا، گهر جي معيشت، گهر جو نظام تباهه ٿي ويندو، دُنيا جهڙي آهي اهڙي نه رهندي پر موت جو فرشتو آيو، ساهه رکجي ويو، رُوح نڪتو، قبر ۾ لاٿو ويو ۽ سڀني جو سڀ نظام ساڳي طرح هاڻي به

هلي رهيو آهي.

اي جنّت جا طلب گارو...!! همت سان ڪم وٺو. خدشات جون زنجيرون ٽوڙي ڇڏيو! اللّٰه جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنۡ فُتِحَ لَہ بَابٌ مِنۡ خَیۡرٍ جنهن جي لاءِ ڀلائي جو دروازو کلي وڃي، فَلۡیَنۡتَہِزۡہُ تہ اهو ٽپ ڏئي ان دروازي ۾ داخِل ٿي وڃي، فَاِنَّہ لَایَدۡرِیۡ مَتٰی یغۡلَقُ عَلَیہ ڇوتہ ان کي خبر ناهي تہ ڪڏهن اهو دروازو بند ڪيو ويندو. (ڪَنۡزُ الۡعُمَّال، ڪتابِ مواعظ،جز:15، جلد:8، صفحہ:334، حديث:43127)

اي عاشقانِ رسول! ساهہ هلي رهيو آهي، اهو ڀلائي جو دروازو آهي، اسان جي دِل ۾ نيڪي جو خيال اچي ويو، اهو ڀلائي جو دروازو آهي، اسان کي نيڪ ڪم جي دعوت ڏني وئي، اهو ڀلائي جو دروازو آهي، اسان کي روشني ڏيکاري وئي، اهو ڀلائي جو دروازو آهي، هاڻي خدشن کي ٻاهر اڇلايو، ٻهانا ڳولڻ بدران جلدي سان ان دروازي ۾ داخِل ٿي وڃو. ڏسو! امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي لاءِ ڀلائي جو دروازو کُليو، سندن اَولاد بہ هو، سندن وٽ گهر بہ هو، پاڻ وٽ مصروفيتون پڻ هيون، بلڪ پاڻ اسان کان وڌيڪ مصروف هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي عزّت هئي، ماڻهو ڪين ڏانهن رُجوع ڪندا هئا، وڏا وڏا عالم سندن کان علم سکندا هئا، جامعہ نظاميہ جا سڀ کان وڏا استاد هئا، وقت جو بادشاهہ، وزير اعظم سندن کي منٿون ميڙون ڪري رهيو هو تہ سائين نہ وڃو! پر پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪنهن شيء کي خاطر ۾ نہ آڻي، همّت ڪئي، اللّٰه ڪريم تي ڀروسو ڪيو، سڀ ڪجهہ ڇڏي ۽ مُلڪ شام وڃي گوشہ نشين ٿي ويا، پوءِ اللّٰه پاڪ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تي ڪرم ڪيو، پنهنجي قُرب جا دروازا سندن جي لاءِ کولي ڇڏيا ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي ولايت جو بلند رُتبو عطا ڪيو ويو، صِدّيقِيت وِلايت جو سڀ کان بُلند رُتبو آهي ۽ امام غزالي رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَیۡہ بہ صِدّيقِيت جي رُتبي تي فائِز ٿيا.

سچ ہے انسان کو کچھ کھو کے ملا کرتا ہے
آپ کو کھو کے تجھے پائے گا جویا تیرا (1)

1...ذوق نعت، صفحہ:21۔

يعني انسان کي رُتبو هميشہ قرباني ڏئي ڪري ئي ملندو آهي، جيڪو الله ڪريم جي معرفت، ان جي قرب جو طلب گار هجي، ان کي پاڻ کي وسارڻو ئي پوندو، تڏهن ئي اهو مرتبو نصيب ٿيندو.

## امام غزالي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه ڪامِل مرشِد جي بارگاهہ ۾

امام غزالي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه بلند رُتبہ عالِمِ دين هئا، جڏهن پاڻ طريقت واري راهہ تي قدم رکيائون تہ ان باري ۾ خوب غور وفڪر ڪيائون، سندن خبر هئي تہ اها راهہ وڏي دُشوار آهي، تنهنڪري ڪامِل مرشد جي رهنمائي جي بغير هن راهہ تي هلڻ ۾ ڪاميابي حاصِل ڪرڻ ممڪن ناهي، پوءِ پاڻ شيخ ابوعلي فَارَمَذِي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه جي بارگاهہ ۾ حاضِر ٿيا، پنهنجي تمام علميت، مقام ۽ مرتبو وغيره پوئتي ڇڏي خالي دِل تي ڪامِل مرشد جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ مصروف ٿي ويا. علاَّمہ تاج الدين سُبڪي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: شيخ فَارَمَذِي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه امام غزالي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه کي جن ورد وظيفن، عبادتن، رياضتن ۽ مجاهدي جو حڪم ڏيندا هئا، پاڻ استقامت سان ان تي عمل ڪندا هئا، ايستائين جو الله پاڪ سندن کي مقصُود تائين پهچائي ڇڏيو. (سِيَرُ اَعْلَامِ النُّبَلَاء، جلد:14، صفحہ:321ملخصًا)

اي عاشقانِ اولياء! اي امام غزالي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه جا چاهڻ وارؤ! غور ڪريو! امام غزالي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه جهڙي ماهر عالِمِ دين کي بہ طريقت جي راهہ ۾ ڪاميابي جي لاءِ پير جي ضرورت آهي تہ اسان کي ڪيتري ضرورت هوندي؟ الله ڪريم سيپاري 6، سوره مائده، آيت: 35 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ (پاره6،سورة المائدة:35)

**ترجموڪنزالايمان**: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو

حڪيم الامت مُفسِّر قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيۡه هن آيت تحت فرمائن ٿا: هر شيءِ جي تلاش جي لاءِ دروازا جدا آهن، هر سودي جي جستجو

جي لاءِ بازار دڪانون جدا آهن، انهن شين جي تلاش ۾ انهن دروازن، انهن دڪانن، بازارن ۾ وڃڻو پوندو آهي، اللهٰ پاڪ کي ڳوليو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دروازي تي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڳوليو حضراتِ اولياء اللهٰ جي دروازن تي. (تفسير نعيمى، پاره:6،سورة مائده، تحت الآية:35، جلد:6، صفحه:402ملخصًا) **مزيد فرمائن ٿا:** هن آيت ۾ تقويٰ کان پوءِ وسيلي جي تلاش جو حڪم ڏئي ٻڌايو ويو تہ ڪو متقي تقويٰ جي ڪنهن بہ درجي تي پهچي ڪري وسيلي کان بي نياز نٿو ٿي سگهي، تنهنڪري ڪو متقي مسلمان اهو نہ سمجهي تہ مان تہ متقي ٿي ويو آهيان هاڻي مون کي اللهٰ تَعَالٰی تائين پهچڻ جي لاءِ ڪنهن وسيلي جي ضرورت ناهي، جيئن هر مومن اَعمَال ۽ تقويٰ جو حاجت مند آهي اهڙي طرح هر متقي وسيلي جو محتاج آهي. (تفسير نعيمى، پاره:6، سورة مائده، تحت الآية:35، جلد:6، صفحه:394ملتقطًا)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا تجديدي ڪارناما

ڪم وبيش 11 سال تائين امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه گوشہ نشين رهيا ۽ اللهٰ پاڪ جي عبادت ۽ رياضت ڪندا رهيا. ان دوران ڪوڙ فتنا عام ٿي ويا، انهن فتنن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪنهن ماهر عالِم جي ضرورت هئي، ان ڪري وقت جي بادشاه امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي خط لکيا ۽ درخواست ڪئي تہ خلوت نشيني ڇڏي بغداد تشريف آڻيو ۽ اُمّت کي فتنن مان نجات ڏياريو. بادشاه جي هر هر درخواست تي امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪجهہ صُوفي سڳورن کان مشورو ڪيو، سيني اهو ئي چيو تہ هاڻي گوشہ نشيني جو وقت ناهي، هاڻي انهن فتنن جو مقابلو ڪري اُمّت کي ڀٽڪڻ کان بچائڻ جو وقت آهي، بعض صُوفياءِ ڪرام کي خواب ۾ غيبي اشارا بہ مليا ۽ چيو ويو تہ هاڻي گوشہ نشيني ڇڏي ڏيڻ ضروري آهي. پوءِ امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ٻيهر دَرس وتدريس جي مسند تي تشريف فرما ٿيا ۽ فتنن جي روڪٿام ۾ مَصرُوف ٿي ويا.

امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ ئي وقت ۾ 3 مَحَاذن تي فتنن جو مقابلو ڪيو:

(1): انهن مان پهريون محاذ اَهلِ فلسفہ جو آهي، امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي دور ۾ فلسفو عُروج تي هو ۽ فلسفي حضرات اسلام کي عقل تي ناپي قرآنِ ڪريم تي، اَحاديث تي ۽ اسلام جي بنيادي عقيدن تي طرح طرح جا اعتراض ڪري رهيا هئا، امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ميدان ۾ آيا ۽ نهايت تحقيقي انداز ۾ فلاسفہ جي اعتراضن جو نہ صِرف رَدّ ڪيائون بلڪ فلسفي جي بنيادن تي عقلي اعتراض وارِد ڪيا ۽ ان باري ۾ ڪتاب لکي اسلامي عقيدن جي حفاظت فرمائي.

(2) :اهڙي طرح امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي دور ۾ باطنيہ فرقو بہ عروج تي هو، اهو بہ اُمّت کي گمراهہ ڪري اسلام جي بنيادي عقيدن کي تبديل ڪرڻ ۽ پنهنجي باطِل تعليمات عام ڪرڻ ۾ مصروف هو، امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان گمراهہ ڪندڙ فرقي جو بہ شَدّ ومَدّ سان رَدّ ڪيو ۽ اُمّت جي عقيدن جي حفاظت ڪئي.

(3) : ٽيون وڏو ۽ اَهم محاذ جنهن تي امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪم ڪيو، اهو عوام جي عملي تنزلي بابت هو. امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي دور ۾ مُعَاشَرو بي راه رَوِي (برائين) جو شِڪار هو، ان پاسي امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بروقت ڌيان ڏنو ۽ مُعَاشَري جي اِصلاح جي لاءِ پاڻ کي مصروف رکيائون، هن ڪم جي لاءِ امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اِحياءُ العُلُوم لکيو، ڪيمياءِ سعادت لکيو، مُڪاشِفَةُ القُلُوب لکيو، مِنهاجُ الْعَابِدِين لکيو، دِل جي اِصلاح ڪيئن ٿيندي، اسان عبادت گذار ڪيئن بڻجنداسين، نفس کي قابُو ڪيئن ڪجي، شيطان جو مقابلو ڪيئن ڪرڻو آهي، ڪهڙيون شيون جهنم ڏانهن وٺي وينديون آهن، جنّت جي راهہ ڪهڙي آهي، الله پاڪ جو قُرب ڪيئن ملندو؟ باطني بيمارين کان جان ڪيئن ڇُٽندي؟ هڪ شخص جي پنهنجي اِصلاح ڪيئن ٿيڻي آهي، خاندان جي اِصلاح ڪيئن ٿيندي، مُعَاشري جي اِصلاح ڪيئن ٿيندي، اهي سڀيئون شيون امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪتابن ۾ لکيون، ماڻهن کي ٻڌايائون، ان جي لاءِ امام غزالي رَحۡمَةُ

اللهِ عَلَيْه خانقاه ٺاهي، مدرسو تعمير ڪيو، امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه محافِل سجائيندا هئا، درس ڏيندا هئا، بيان ڪندا هئا، ماڻهن کي آخرت جي ياد ڏياريندا هئا ۽ قرآن وحديث تي عمل جي دعوت ڏيندا هئا. (فيضانِ امام غزالی، صفحہ:65،بتغير قليل)

## امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليمات جو خلاصو

اچو! امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب "مِنهاجُ الْعَابِدِين" جي روشني ۾ اِصلاح بابت ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا: "مِنهاجُ العَابِدِين" امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو آخري ڪتاب آهي، هن ڪتاب جو بنيادي نڪتو سُورَةالذّٰرِيٰت جي آيت:56 آهي، الله پاڪ ارشاد فرمايو:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾
(پاره27،سورةالذاريات:56)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ مان جن انسان فقط انهيءَ لاءِ پيدا ڪيا جو منهنجي بندگي ڪن.

هن آيت تي عمل ڪندي اسان عِبَادت گذار ڪيئن بڻجنداسين؟ ان جي لاءِ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 14 شيون بيان ڪيون آهن، اهي 14 شيون موجود هجن تڏهن ئي هڪ ٻانهو واقعي عبادت گذار بڻجي سگهي ٿو.

انهن ۾ پهرين شيءِ آهي؛ عِلم: عِبَادت گذار اهو ئي بڻجي سگهي ٿو جنهن وٽ عِلم هجي، جنهن کي خبر ئي ناهي ته ڪهڙيون ڪهڙيون شيون عِبَادت آهن، ڪهڙيون ڪهڙيون شيون عِبَادت نه آهن، اهو عِبَادت گذار ڪيئن بڻجي سگهندو؟ جنهن نه نماز سکي آهي، نه قرآن سکيو آهي، نه روزن جا احڪام سکيا آهن، هو اهو ڪم ڪيئن ڪري سگهندو؟ پوءِ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون آهن جيڪي عِبَادت کي ضايع ڪري ڇڏينديون آهن، ڪهڙيون ڪهڙيون شيون آهن جيڪي عِبَادت کي گُناهه ۾ تبديل ڪنديون آهن، جيڪي شيون عِبَادت ناهن پر زِندگي گذارڻ جي لاءِ ضروري آهن انهن کي عِبَادت ۾ ڪيئن تبديل ڪرڻو آهي، انسان ڪاروبار ڪندو آهي، دڪان تي ويندو آهي، اسڪول ويندو آهي، بازار ويندو آهي، ڪاڌو کائيندو آهي، ڏينهن ۾ هزار ڪم ڪندو آهي، انهن

سيني کي عِبَادت ڪيئن بنائڻو آهي، اهي سمورا طريقا معلوم هجن تہ ٻانهو وقت جو دُرُست استعمال ڪري سگهندو ۽ دُنيا ۾ رهندي دُنيا دار نہ بلڪ عبادت گذار بڻجي سگهندو، جيڪڏهن عِلم نہ هجي تہ اهو سڀ ڪيئن ٿي سگهندو؟ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديثِ پاڪ نقل فرمائي، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلْعِلْمُ اِمَامُ الْعَمَلِ وَالْعَمَلُ تَابِعُه عِلم عمل جو امام آهي ۽ عمل ان جي تابع آهي. (ترغيب وترہيب، صفحہ:43،حديث:8 بتغير قليل)

ٻي شيء توبه: پوءِ عِلم ٻن قسمن جو آهي: (١): عِلْمٌ عَلَى اللِّسَان اهو عِلم جيڪو صِرف زبان تائين رهندو آهي، دِل ۾ ناهي لهندو، ان عِلم جو ڪو فائدو ناهي، اهو روزِ قيامت انسان جي خلاف گواهي ڏيندو. (٢): ٻيو عِلْمٌ فِي الْقَلْبِ اهو عِلم جيڪو دِل آهي. (جامع علوم وحِکَم،صفحہ:351) اهو اَصل عِلم آهي، جڏهن اهو عِلم حاصِل ٿيندو تہ ٻانهو پنهنجو پاڻ ۾ بڏي ويندو آهي، ان کي پنهنجا گُناه نظر ايندا آهن، پنهنجون خطائون ياد اينديون آهن، قبر جو منظر اکين آڏو ايندو آهي، قيامت ياد ايندي آهي، اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ پيشي جو منظر ياد ايندو آهي، پوءِ ٻانهو اندر کان ٽٽي ويندو آهي، شرمسار ٿيندو آهي، پنهنجي پاڻ کان نفرت ڪرڻ لڳندو آهي، اکين مان لڙڪ وهندا آهن، دِل بي سکون ٿي ويندي آهي، امام غزالي فرمائن ٿا: هاڻي ٻانهو غسل ڪري، صاف ڪپڙا پائي، تنهائي ۾ هليو وڃي، نمازِ توبہ ادا ڪري ۽ مٿو سجدي ۾ رکي ڪري اللّٰه ڪريم جي بارگاه ۾ سچي دِل سان توبہ ڪري، آئينده ڪڏهن گُناه نہ ڪرڻ جو پڪو وعدو ڪري ۽ نيڪين واري نئي زِندگي گذارڻ جو عزم ڪري. قضا نمازون، روزا، مالي حق ذِمّي تي هجن تہ ادا ڪري، ڪنهن کي تڪليف پهچائي هجي تہ مُعَاف ڪرائي وٺي، هاڻي ٻانهو گُناهن کان پاڪ ٿي ويو، هاڻي عِبَادت جي راه تي هلڻ جي لاءِ تيار آهي. (منہاج العابدين ،دوسرا باب، توبہ کے بيان ميں، صفحہ:73ماخوذًا) پر ان جي سامهون 4 وڏيون رڪاوٽون بيٺل آهن:

پهرين رڪاوٽ: دُنيا؛ مثال طور خيال اچن ٿا: ❖ مان عبادت ڪرڻ لڳس تہ

ڪيرئير پلاننگ جو ڇا ٿيندو؟ ❖ منھنجا خواب ڪيئن پورا ٿيندا، ❖ مان وڏو ماڻھو بڻجڻ چاھيان ٿو، مان فلاڻي وڏي عھدي تي پھچڻ چاھيان ٿو، اھو سڀ ڪيئن ٿي سگھندو؟ ❖ ڏاڙھي رکي ورتي، عمامو سجائي ورتو، مسجد ۾ وڃڻ لڳس ته مُعَاشري ۾ منھنجي ويليو(*Value*) ڇا رھندي، منھنجو نِڪاح ڪيئن ٿي سگھندو وغيره.

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انھن سيني جو علاج اھو آھي ته دُنيا جي بدران آخرت کي ترجيح ڏني وڃي. امير المؤمنين مولاعلي رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: دُنيا وڃي رھي آھي، آخرت اچي رھي آھي، انھن ٻنھي جا چاھڻ وارا آھن، انسانو! دُنيا وارا نه بڻجو! آخرت وارا بڻجو...! اڄ عمل جو وقت آھي، حساب ناھي، سڀاڻي حساب جو ڏينھن ٿيندو، عمل نه ڪري سگھندؤ. (بخاری، كِتَابُ الرِّقَاق، صفحہ:1581)

ٻي رُڪاوٽ: ماڻھن سان ملڻ جلڻ: عِبَادت جي راھ تي اچڻو آھي ته يقيناً عِبَادت کي وقت ڏيڻو پوندو پر پوءِ ھوٽلنگ جو ڇا ٿيندو؟ پکنڪ پارٽين جو ڇا ٿيندو؟ دوستن سان گپ شپ لڳائڻي آھي، گھمڻ وڃڻو آھي، سوشل ميڊيا جي ڪيئي ڪيئي ڪلاڪن جي مصروفيت جو ڇا ٿيندو؟ ٻُرن دوستن کان ڪيئن جان ڇُٽندي وغيره وغيره خيالات دِل کي پڪڙي وٺندا آھن ۽ عبادت کان روڪڻ لڳندا آھن، ان جو عِلاج اھو ئي آھي ته ماڻھن سان تعلقات گھٽ ڪيا وڃن ڇوته جيڪو دوست يا رشتيدار عِبَادت جي راھ ۾ رُڪاوٽ ھجي اھو اَصل ۾ دوست ناھي بلڪ دُشمن آھي. قيامت کي ياد ڪريو! ھاءِ! ميدانِ محشر...!! اھو نفسي نفسي جو عالم...!! امڙ سڪيلڌي پٽ کي ڇڏي رھي ھوندي، پيءُ پُٽ کان پاسو ڪري رھيو ھوندو، ڀاءُ ڀاءُ کان ڀڄي رھيو ھوندو، ڪو ھڪ نيڪي ڏيڻ جي لاءِ تيار ناھي، افسوس! ماڻھن جي ڪري عِبَادت کان رڪڻ وارا ان وقت حسرت زده ھوندا، شرم وچان مٿو جھڪائي، دانھون ڪندا ھوندا:

يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِيْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿۲۸﴾

(پاره19،سورةالفرقان:28)

ترجمو ڪنزالايمان: ھاءِ منھنجي بربادي ڪنھن طرح مون فلاڻي کي دوست نه بڻايو ھجي ھا.

ٽئين ۽ چوٿين رڪاوٽ: نفس وشيطان: شيطان تہ اهو ئي چاهيندو آهي تہ ٻانهو عِبَادت ڏانهن نہ اچي، ان جي لاءِ طرح طرح جا وسوسا وجهندو آهي ۽ نفس هر وقت لذت جو خواهش مند، سست ۽ سهولت پسند رهندو آهي، هر گز عبادت تي آماده نہ ٿيندو، ان جو علاج اهو آهي تہ شيطان کان جنگ ڪئي وڃي، ان جي شَر کان الله ڪريم جي پناهہ گهري وڃي ۽ نفس جو عِلاج اهو آهي تہ ان تي زبردستي عِبَادت جو بار وڌو وڃي.

جڏهن انسان رڪاوٽن جو عِلاج ڪري وٺي، انهن کان پيڇو ڇڏائي عِبَادت جي راهہ تي هلي پوي تہ هاڻي 4 عارضا لاحق ٿيندا آهن، انهن جي ڪري عِبَادت ۾ يڪسوئي ناهي ملندي:

پهريون عارضو: رزق: مثال طور نماز پڙهندي بہ دُڪان جو خيال اچي رهيو آهي، ڪاروباري معاملات ۾ دِل الجهيل آهي، ٻارن جو فڪر ٿيندو آهي، ضروريات، خواهشات جا خيال ايندا آهن، عِبَادت ۾ دِل ناهي لڳندي، ان وقت ٻانهو عبادت کان پوئتي هٽندو آهي پر ان کي گهرجي تہ عِبَادت نہ ڇڏي بلڪ توڪل اختيار ڪري، الله پاڪ تي ڀروسو ڪري. الله ڪريم فرمائي ٿو:

وَمَنْ یَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗؕ

(پاره28،سورة الطلاق:3)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪو الله تي ڀروسو رکي ته اهو ان کي ڪافي آهي.

ٻيو عارضو: فضول خيال ۽ خطرا: پوءِ ٻانهي کي مختلف خيال وڪوڙي لاهيندا آهن، انسان خوف زده ٿي ويندو آهي، مان عبادت جي راهہ تي هلان تہ گهر وارن جو ڇا ٿيندو؟ هاءِ! ڪٿي ديوار نہ ڪري پوي، هاءِ! هاڻي موت اچي ويندو، جن جن شين کان انسان خوف ڪائيندو آهي، ان جا خيالات دِل ۾ ايندا آهن. ان جو عِلاج اهو آهي تہ ٻانهو پنهنجا سمورا معاملا الله ڪريم جي حوالي ڪندي چوي:

وَاُفَوِّضُ اَمْرِیْۤ اِلَى اللّٰهِؕ

(پاره24،سورة المؤمن:44)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ مان پنهنجو ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو.

ٿيون ۽ چوٿون عارضو: دُنيوي تڪليفون ۽ قضاءِ الٰهي: ٻانهو جڏهن عِبَادت ڏانهن ڌيان ڏيندو آهي تہ ڪيئي قسم جون مصيبتون ان ڏانهن وڌنديون آهن، ان کي طعنا هنيا ويندا آهن، آڱريون کڄنديون آهن، ماڻهو ان کي بُرو ڀلو چوندا آهن، طرح طرح سان ستائيندا آهن. اهڙي طرح ڪڏهن ان کي بيماري ايندي آهي، ڪڏهن تڪليف، ڪڏهن تنگ دستي، ڪڏهن بي روزگاري، ڪڏهن گهريلو پريشانيون، ڪڏهن ٻاهريان مسئلا. انهن سڀني جو عِلاج اهو آهي تہ ٻانهو صبر ڪري ۽ الله ڪريم جي رضا تي راضي رهي، اِنۡ شَآءَ الله! ان کي الله پاڪ جي خاص مدد ۽ نصرت نصيب ٿيندي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۱۵۳﴾ (پاره2،سورةالبقرة:153) | ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ الله صبر وارن سان گڏ آهي. |

جڏهن ٻانهو اهي 4 ڪم بہ ڪري وٺندو آهي تہ هاڻي استقامت ناهي ملندي، ان جو نفس سستي ڏيکاريندو آهي، غفلت طاري ٿيندي آهي، نيڪين جي رغبت پيدا ناهي ٿيندي، نيڪ عملن ۾ دِل ناهي لڳندي، هن جو علاج اهو آهي تہ ٻانهو خوف و رَجا (اميد) پيدا ڪري، يعني نيڪين جي صِلي ۾ ملندڙ ثواب جي اُميد رکي، جنت ۽ ان جي نعمتن کي ياد ڪري، الله پاڪ جي انعامات جو تصور ڪري، نيڪ عملن جي فضيلتن جو مطالعو ڪري ۽ گڏوگڏ جهنّم جا عذاب، الله پاڪ جي ناراضِپي، قبر جي وحشت، حشر جي گرمي کي ياد ڪري دِل ۾ خوفِ خدا پيدا ڪري. اِنۡ شَآءَالله! عبادت تي استقامت ملڻ لڳندي.

خوف ۽ رَجَا جي ذريعي جڏهن ٻانهو نيڪ عملن ۾ مصروف ٿي ويندو آهي تہ هاڻي شيطان خطرناڪ چال هلندو آهي، ٻانهي کي رِيا ڪاري ۽ خود پسندي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي. رياڪاري جو علاج اِخلاص آهي جوتہ ٻانهو عِبَادت صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪري ۽ الله پاڪ جي اِحسَانن کي ياد ڪري، ان جون نعمتون ياد ڪري، سوچي تہ الله پاڪ توفيق نہ ڏي ها تہ ڇا

مان عبادت ڪري سگهان ها؟ هر گز نہ. ڪيترا اهڙا شخص آهن جيڪي مسجد جو رُخ نٿا ڪن، الله پاڪ مون کي پنهنجي بارگاهہ ۾ حاضِري جو شرف عطا فرمايو تہ ان ۾ منهنجو ڪو ڪمال ناهي بلڪ اها سڀ الله پاڪ جي توفيق، ان جو احسان، ان جو فضل ۽ ڪرم آهي.

جڏهن بانهو ان تمام وادين کي پار ڪري وٺندو آهي تہ هاڻي شڪر جو مرحلو ايندو آهي تہ بانهو الله پاڪ جو شڪر ادا ڪري، ان جي حمد ادا ڪري ڇوتہ ناشڪري بانهي کي تباهہ وبرباد ڪندي آهي. ڇا بلعم بن باعوراء کي نہ ڏٺو، ڪيڏو وڏو عبادت گذار هو، ڪيڏو وڏو عالم هو، زمين تي ويهي لوحِ محفوظ جي تحرير پڙهي وٺندو هو، ان جون دُعائون قبول ٿينديون هيون پر هو ناشڪرو ٿيو، ان کي ناشڪري جي سزا ملي، ان جو خاتمو بُرو ٿيو، ان جو ايمان کسجي ويو، ڪافِر ٿي مئو ۽ هميشہ هميشہ جي لاءِ جهنّم جو ٻارڻ بڻجي ويو. ته اي جنت جا طلب گارؤ...!! عِبَادت بہ ڪريو، نيڪ عمل بہ ڪريو! سٺا انسان بہ بڻجو پر شڪر ڪرڻ ڪڏهن نہ وساريو. الله پاڪ اسان سڀني کي نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ بنائڻ جي توفيق عطا فرمائي. امين بجاه النبي الامين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: نيڪ عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي پُرفتن دور ۾ امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه جو فيضان خوب عام ڪيو آهي، اميراهلسنت امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه سان وڏي محبت ڪن ٿا، پاڻ سندن ڪتابن کي پڙهن ٿا، انهن تي عمل ڪن ٿا ۽ ٻين کي انهن تي عمل جي ترغيب بہ ڏيارين ٿا. امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي خواهش تي ئي دعوتِ اسلامي جي علمي وتحقيقي شعبي المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سنٽر) امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه جي ڪتابن جو اردو ۾ ترجمو ڪيو ۽ مڪتبة المدينہ انهن کي شايع ڪيو آهي، اوهان بہ امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه جا ڪتاب مثال طور "احياء العلوم"، "مڪاشفة القلوب"، "منهاج العابدين" وغيره مڪتبة

المدينہ تان هديةً طلب ڪريو، پڙهو ۽ عمل جي سَعَادت حاصِل ڪريو.

امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي تڙپ آهي تہ شفاعت فرمائڻ واري آقا، پياري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هر اُمّتي نيڪ بڻجي وڃي، پنهنجي بہ اِصلاح ڪري ۽ ٻين جي اِصلاح جي بہ ڪوشش ڪندو رهي. الحمد لله! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي دِيني، روحاني، علمي تجربات جي روشني ۾ جانشينِ اميرِ اهلسنّت ”نيڪ اعمال“ نالي رسالو ترتيب ڏنو آهي. اهو رسالو اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن، ٻارن ۽ شاگردن جي لاءِ الڳ الڳ آهي. اسلامي ڀائرن واري ”نيڪ اعمال“ نالي رسالي ۾ 72 سوال لکيا ويا آهن، مثال طور ڇا اڄ اوهان پنجئي نمازون جماعت سان ادا ڪيون؟ ڇا اڄ اوهان نماز جي دعوت ڏني؟ ڇا اڄ اوهان سورة الملڪ پڙهي؟ ڇا اڄ اوهان 313 ڀيرا درود شريف پڙهيو؟ وغيره. هر سوال جي هيٺ 30 خانا ڏنا ويا آهن. اوهان بہ اهو رسالو مڪتبة المدينہ تان حاصِل ڪريو ۽ روزانو وقت مقرر ڪري پنهنجي نيڪ اعمال جو جائزو وٺندي هن رسالي جا خانا ڀرڻ جي عادَت ناهيو، اِنْ شَآءَاللّٰه! ان جي برڪت سان ڪجھ ئي ڏينهن ۾ پنهنجي نيڪ عملن ۾ ترقي ڏسندؤ ۽ الله ڪريم چاهيو تہ نيڪين تي استقامت پڻ نصيب ٿيندي.

الحمد لله! رسالو ”نيڪ اَعمَال“ جي مطابق زِندگي گذارڻ، پابندي سان هن جا خانا ڀري عمل جو جذبو وڌائڻ جون بيشمار برڪتون آهن، اچو! اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو.

نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح بيان آهي، علائقي جي مسجد جي امام صاحب جيڪو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هو، ان اِنفرادي ڪوشش ڪندي منهنجي وڏي ڀاء کي مدني اِنعامات جو هڪ رِسالو تحفي ۾ ڏنو، هو گهر کڻي آيو ۽ پڙهيائين تہ حيران ٿي ويو جو هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اِسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست طريقو ڏنو ويو آهي. مدني انعامات جو رِسالو ملڻ جي بَرَڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اُن

کي نماز جو جذبو مليو ۽ نمازِ باجماعت جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويو ۽ هاڻي پنج وقت جو نمازي بڻجي چڪو آهي، ڏاڙهي مُبارَڪ بہ سجائي ورتي ۽ مَدَني انعامات جو رِسالو بہ پريندا آهن.

مدنی انعامات کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی! خُوب برسا رحمتوں کی تو جھڑی .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنْشاهِ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

## ”قناعت“ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي:

به 2 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جنهن ايمان آندو، ڪفايت مطابق رزق ڏنو ويو ۽ ان الله پاڪ جي ڏني تي قناعت ڪئي بيشڪ هو ڪامياب ٿيو. (مسلم، زکوٰۃ کی کتاب، قناعت کا باب، صفحہ:376، حدیث:1054) (2): اي ابوهريره! قناعت اختيار ڪيو سڀ کان وڏا شڪر گذار بڻجي ويندؤ. (ابن ماجہ، زُہد کی کتاب، ورع و تقویٰ کا باب،صفحہ:684، حدیث:4217ملتقطاً)

اي عاشقانِ رسول! قَناعت سُنّتِ مصطفيٰ آهي. قناعت جي معنيٰ آهي: جيترو مليو ان تي راضِي رهڻ، وڌيڪ جي خواهش نہ ڪرڻ. ❖ اسان جي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جيڪو ملندو هو خوشي سان کائي وٺندا هئا ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن بہ کاڌي ۾ عيب نہ ڪڍيو ❖ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن بہ لذيذ ۽ پُرتڪلف کاڌن جي خواهش نہ ڪئي. ❖ رسولِ اَڪرَم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مال و دولت جي خواهش نہ رکندا هئا.

پيارا اسلامي ڀائرو! سُنَّتِ مصطفيٰ تي عمل ڪريو، قناعت اختيار ڪريو. ❖ قناعت ايمان جو ڪمال، اسلام جو حُسن آهي. ❖ قناعت ڪرڻ وارو ماڻهو دُنيا کان بچائيندو آهي، آخرت جي راهه تي هلندو آهي. ❖ قناعت ڪرڻ وارو الله پاڪ جو محبوب آهي. ❖ قناعت ڪرڻ واري کان ماڻهو بہ محبت ڪندا آهن. (نضرة النعيم، جلد:8، صفحه:3175) ❖ امام شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: قناعت مالداري جي اَصل آهي. (ديوانِ امام شافعی، قافیہ: کاف، صفحہ:133)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتين اور آداب**“ اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَه جا بہ رسالا ”**101 مدني گل**“ ۽ ”**163 مدني گل**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] …القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھه لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. [1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

ھڪ ڏينهن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. [2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. [3]

## ﴿1﴾ ھڪ ھزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رضی اللہ عنہما کان رِوايت آهي تہ سرکارِ مدينہ صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم جن فرمايو: هي درود شريف پڑهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عزوجل پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم: **جنهن هن دُعا ڪي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر ڪي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305